# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريه 1995

# SINDH ACT NO.XII OF 1995

# سنڌ بئنڪ ايڪٽ، 1995

# THE SINDH BANK ACT, 1995

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات

Sections

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short Title, extent and commencement

2. زير اثر شق

Overriding clause

3. وصف

Definition

4. بئنڪ جو قيام ۽ هيئت

Establishment and incorporation of the Bank

5. مک حصو

Share Capital

6. شيئر هولڊرزجو رجسٽر

Register of Shareholders

7. شيئر هولڊرز جي قابليت

Qualifications of Shareholders

8. حڪومت شيئر هولڊر هوندي

Government to be shareholder

9. بئنڪ جي هيڊ آفيس

Head office of the Bank

10. بورڊ

Board

11. بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

12. مئنيجنگ ڊائريڪٽر

Managing Director

13. چيئرمين

Chairman

14. ڊائريڪٽرز جي قابليت ۽ نااهليون

Qualifications and disqualifications of Directors

15. آساميون

Vacancies

16. ساليانيون عام ۽ خاص گڏجاڻيون

Annual General and Special Meetings

17. شيئر هولڊر جو ووٽ

Vote of shareholder

18. وهنوار جيڪو بئنڪ ڪرڻ لاءِ بااختيار آهي

Business which the Bank is authorized to transact

19. وهنوار جيڪو بئنڪ ڪرڻ لاءِ بااختيار ناهي

Business which the Bank is not authorized to transact

20. چوٽ

Exceptions

21. آڊيٽرز

Auditors

22. ٻيا آڊيٽرز

Other auditors

23. آڊيٽرز جا حق ۽ ذميداريون

Rights and duties of Auditors

24. بورڊ جا اختيار ۽ ذميداريون

Powers and duties of the Board

25. باءِ لاز ٺاهڻ لاءِ بورڊ جا اختيار

Powers of the Board to make bye laws

26. بئنڪ جو معاوضو

Liquidation of the Bank

27. استثنيٰ

Indemnity

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريه 1995

# SINDH ACT NO.XII OF 1995

# سنڌ بئنڪ ايڪٽ، 1995

# THE SINDH BANK ACT, 1995

[30 آڪٽوبر 1995]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪمرشل بئنڪنگ ۽ انويسٽمينٽ بئنڪنگ جون سموريون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ بئنڪ قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ڪمرشل بئنڪنگ ۽ انويسٽمينٽ بئنڪنگ جون سموريون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ بئنڪ قائم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي:

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short Title, extent and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ بئنڪ ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3) اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

اضافي شق
Overriding clause

2. هي ايڪٽ موثر هوندو جيستائين وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نه هجي.

| | |
|---|---|
| وصف<br>Definition | 3. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مفهوم ۾ مضمون جي متضاد نه هجي، تيستائين: |

(a) "بئنڪ" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل سنڌ بئنڪ؛

(b) "بورڊ" مطلب بئنڪ جو بورڊ آف ڊائريڪٽرز؛

(c) "ڊائريڪٽر" مطلب بورڊ جو وقتي طور ڊائريڪٽر؛

(e) "عام گڏجاڻي" مطلب بئنڪ جي شيئر هولڊرز جي سالياني گڏجاڻي؛

(f) "شيون" جنهن ۾ شامل آهن بلين، ويئر ۽ مرچنڊائيز؛

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب بئنڪ جو منئيجنگ ڊائريڪٽر؛

(i) "گڏجاڻي" جنهن ۾ شامل آهي معطل ڪيل گڏجاڻي ڪوٺائڻ؛

(j) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل باءِ لاز يا ضابطن تحت بيان ڪيل؛

(k) "نجي سيڪٽر" مطلب ماڻهو يا اثاثا جيڪي ڪمپني طرفان نامزد ڪيا ويا هجن، جن سان حڪومت بئنڪ جي قيام ۾ هلائڻ ۾ حصو وٺڻ لاءِ سهڪار حاصل ڪري؛

(l) "پروڪسي" مطلب لکت ۾ هڪ دستاويز جتي هڪ ميمبر طرفان ٻئي شخص کي گڏجاڻيءَ يا گڏجاڻين ۾ پنهنجي لاءِ ووٽ ڏيڻ لاءِ بااختيار بڻائي ۽ جنهن ۾ شامل آهي پاور آف اٽارني تحت جوڙيل اٽارني.

(m) "نهراءُ" مطلب بورڊ جي گڏجاڻي يا شيئر هولڊرز جي گڏجاڻيءَ ۾ اڪثريت ووٽ ذريعي ورتل ڪو فيصلو؛

(n)"مهر" مطلب بئنڪ جي عام يا خاص مهر ۽ جنهن ۾ شامل آهي بئنڪ جي آفيشل مهر جيڪي پاڪستان کان ٻاهر علائقن لاءِ استعمال ڪيون ويندين آهن؛

(o)"خاص گڏجاڻي" مطلب بئنڪ جي شيئر هولڊرز جي گڏجاڻي جيڪا گڏجاڻيءَ جي نوٽيس ۾ ڄاڻايل ڪنهن خاص وهنوار ڪرڻ لاءِ ڪوٺائي وئي هجي؛

(p)"خاص ٺهراءُ" مطلب خاص گڏجاڻيءَ ۾ اڪثريتي ووٽ سان پاس ڪيل ٺهراءُ.

بئنڪ جو قيام ۽ هيئت
Establishment and incorporation of the Bank

4. (1) هن ايڪٽ جي شروعات ڪانپوءِ جيترو جلدي ٿي سگهي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب بئنڪ قائم ڪئي ويندي جنهن کي سنڌ بئنڪ سڏيو ويندو. جيڪا ڪمرشل ۽ سيڙپڪاري بئنڪنگ جو وهنوار ڪندي.

(2)بئنڪ باڊي ڪارپوريٽ سمجهي ويندي جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي جيڪا ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

مک حصو
Share Capital

5. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب, بئنڪ جو بااختيار ٻڌايل مک حصو اداڻي بلين رپيا هوندو جيڪو هر هڪ حصو ڏهه رپيا جي حساب سان ٻه سئو پنجاهه عام حصن ۾ ورهايو ويندو.

(2)بئنڪ جو شروعاتي پيڊ اپ ڪيپيٽل ٻه سئو پنجاهه ملين رپيا هوندو جيڪو حڪومت طرفان پنجونجاهه سيڪڙو ۽ رهيل پنجيتاليهه سيڪڙو نجي سيڪٽر طرفان ادا ڪيو ويندو.

(3)ڄاڻايل اٿارائيزڊ ڪيپيٽل مان وقت بوقت ايترا حصا اهڙن شرطن تحت جاري ڪيا ويندا, جيڪڏهن ڪي

هجن، بشمول بروڪريج ۽ انڊر رائيٽنگ جي شرطن جي، جيئن بورڊ طئي ڪري.

(4)بئنڪ جي شيئر هولڊرز جي ذميداري انهن جي حصن تي ادا ڪيل مڪمل رقم تائين محدود هوندي.

(5)شيئر هولڊرز، جيڪي بئنڪ ايڪوئٽي/پيڊ اپ ڪيپيٽل جو گهٽ ۾ گهٽ پنجهتر سيڪڙو پيش ڪري رهيا هجن، خاص ٺهراءَ ذريعي بئنڪ جو ڪيپيٽل گهٽائي يا وڌائي سگهن ٿا.

(6)بئنڪ جا شيئرز متحرڪ ملڪيت هوندا ۽ هر هڪ شيئر پنهنجي منفرد نمبر ذريعي الڳ ڪيو ويندو.

**شيئر هولڊرزجو رجسٽر**
**Register of Shareholders**

6. بئنڪ دفعہ 9 تحت قائم ڪيل هيڊ آفيس، هڪ رجسٽر جنهن ڪي بئنڪ جي شيئر هولڊرز جو رجسٽر سنڀاليندي ۽ ان ۾ اهڙا تفصيل داخل ڪندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**شيئر هولڊرز جي قابليت**
**Qualifications of Shareholders**

7. (1) ڪو بہ شخص شيئر هولڊر طور رجسٽر ٿيڻ لاءِ اهل نہ هوندو جيڪو ڪنهن بہ سبب جي ڪري وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت ڪنهن نيڪي ۾ داخل ٿيڻ لائق نہ هوندو.

(2) ڪو شخص جيڪو رجسٽريشن ڪانپوءِ ظاهر ٿئي تہ متي ڄاڻايل رجسٽريشن جي وقت تي اهل نہ آهي، ان کي شيئر هولڊر جا ڪي بہ حق استعمال ڪرڻ نہ ڏنا ويندا سواءِ ان جي شيئرز وڪرو ڪرڻ جي مقصد جي جيڪي مجاز عدالت جي حڪمن سان ٿيندو.

(3)شيئرز فردن، ڪمپنيز، ڪارپوريٽ باڊيز ۽ حڪومت

يا ان جي ايجنسيز جي نالي تي رجسٽر هوندا، بشرطيڪ ڪنهن بہ شيئرز جي جوائنٽ هولڊر طور چار کان مٿي ماڻهو پائيوار رجسٽر نہ هوندا.

(4)ڪنهن شيئر جي جوائنٽ هولڊر جي رجسٽر ۾ ڪنهن هڪ يا وڌيڪ ماڻهن جي فوتگي جي صورت ۾، بچي ويلُ يا بچي ويلَ فقط شخص يا شخصيتون هوندا جيڪي بئنڪ طرفان سڃاتل هوندا جن کي اهڙي شيئر ۾ ٽائيٽل يا انٽريسٽ هوندو ۽ جتي فوتي اڪيلو شيئر هولڊر هوندو، ان جو نامزد ڪيل يا نامزد ڪيلَ ۽ قانوني وارث (جتي ڪا اهڙي نامزدگي نہ ڪئي وئي هئي) بئنڪ طرفان سڃاتل فقط شخصيتون هوندا جن کي شيئرز ۾ انٽريسٽ تي ڪو ٽائيٽل ڏنو ويندو.

حڪومت شيئر هولڊر هوندي
Government to be shareholder

8. (a) جيستائين ڪجهہ دفعہ 7 جي متضاد نہ هجي، حڪومت بئنڪ ۾ مک شيئر هولڊر هوندي پر هڪ ئي وقت اها بئنڪ جي پيڊ اپ ڪيپيٽل جي پنجاهہ سيڪڙو کان وڌيڪ حصو نہ رکندي.

(b)بورڊ جي منظوري سان حڪومت ۽ نجي سيڪٽر بئنڪ ۾ انهن جي شيئر هولڊنگ جو ڪو حصو سيڙپڪاري نہ ڪرڻ لاءِ آزاد هوندا.

بئنڪ جي هيڊ آفيس
Head office of the Bank

9. بئنڪ جي هيڊ آفيس ڪراچي ۾ هوندي.

بورڊ

10. (1) بئنڪ بورڊ جي مڪمل نظرداري ۽ هدايت هيٺ

Board

ڪم ڪندي جيڪو اهڙيون حڪمت عمليون جوڙيندو جيئن اهو وقت بوقت بئنڪ جي مفاد ۾ ضروري سمجهي.

(2)بورڊ عملدار، ماهر، صلاحڪار، مئنيجمينٽ ڪنسلٽنٽس مقرر ڪرڻ لاءِ مڪمل طور بااختيار هوندو، جيئن بئنڪ جي ڪم جي پروفيشنل خدمتن کي فراهم ڪري سگهجي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن وقت بوقت بورڊ طرفان ضروري سمجهيون وڃن.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

11. (1) بورڊ ست ڊائريڪٽرز تي مشتمل هوندو جيڪي حڪومت ۽ نجي سيڪٽر جي شيئر هولڊنگ جي نسبت سان نامزد ڪيا ۽ چونڊيا ويندا.

(2)جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (1) جي متضاد نہ هجي بورڊ شروعاتي طور تي پنج ڊائريڪٽرز تي مشتمل هوندو، جن مان ٽي ڊائريڪٽرز حڪومت طرفان ۽ ٻہ ڊائريڪٽرز نجي سيڪٽر طرفان هوندا.

رهيل ٻہ ڊائريڪٽرز ستن جو عدد پورو ڪرڻ لاءِ بورڊ جي نظر ۾ بئنڪ جي ڪم شروع ڪري ڏيڻ بعد مقرر ڪيا ويندا، اهڙيءَ ريت جيئن ڪل ڊائريڪٽرز جي نسبت حڪومت ۽ نجي سيڪٽر جي شيئر هولڊنگ جي حساب سان هوندي.

(4)ڊائريڪٽر ٽن سالن تائين عهدو رکي سگهندو ۽ ٻيهر نامزدگي يا چونڊ لاءِ اهل هوندا، جيئن معاملو هجي.

(5)بورڊ کي ڊائريڪٽرز جو وڌيڪ انگ وڌائڻ جو اختيار حاصل هوندو تہ جيئن بورڊ ۾ ڪنهن بہ وقت خدمت ڪري سگهن.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر
Managing

12. (1)مئنيجنگ ڊائريڪٽر پروفيشنل ۽ تجربيڪار بئنڪر هوندو، جيڪو هميشہ نجي سيڪٽر جي

| | |
|---|---|
| Director | نمائندگي ڪندڙ ڊائريڪٽرز جي سفارشن تي اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو/هٽايو ويندو جيڪي بورڊ منظور ڪري. |
| | (2)مئنيجنگ ڊائريڪٽر بئنڪ جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر هوندو ۽ ان کي بورڊ طرفان بئنڪ جي معاملن تي هدايت ڪرڻ، هلائڻ، نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ جو مڪمل اختيار هوندو. |
| | (3)مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي پگهار ۽ ان جي خدمت جا شرط ۽ ضابطا بورڊ طرفان طئي ڪيا ويندا ۽ ساڳيا ان جي آفيس جي مدي دوران ان جي نقصان ۾ تبديل نه ڪيا ويندا. |
| | (4) مئنيجنگ ڊائريڪٽر جيستائين اڳواٽ هٽايو نه وڃي، ان جي عهدي جي مدت پوري ٿيڻ تي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو، جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو وڃي. |
| چيئرمين<br>Chairman | 13. (1)بورڊ جو چيئرمين حڪومت طرفان نامزد ڪيل ڊائريڪٽرز منجهان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت چونڊيو ويندو، جيئن بورڊ طئي ڪري. |
| | (2)چيئرمين کي به ايگزيڪيوٽو اختيار استعمال نه ڪندو، پر ڪيس ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو. |
| ڊائريڪٽرز جي قابليت ۽ نااهليون<br>Qualifications and disqualifications of Directors | 14. (1) ڪو به شخص ڊائريڪٽر لاءِ اهل نه هوندو جيستائين ان کي بئنڪ جي بي شمار حصن جو حق حاصل نه هوندو، جن جو ملهه گهٽ ۾ گهٽ هڪ سئو هزار رپيا هوندو. |
| | بشرطيڪ ڀيرين ڊائريڪٽرز ۽ ڊائريڪٽر طور مقرر حڪومت جي ملازم تي ڪجهه به لاڳو نه ٿيندو. |

(2)ڪو بہ شخص ڊائريڪٽر طور خدمت ڪرڻ لائق نہ هوندو:
(a)جيڪڏهن اخلاقي بدتميزي جي ڏوهہ ۾ ملوث هجي؛
(b)جيڪڏهن اهو ڪنهن بہ وقت ڪنهن بئنڪ جي ملازمت ۾ هيو ۽ برطرف ڪيو ويو هيو يا بئنڪ طرفان سندس ملازمت ختم ڪئي وئي هئي؛
(c)جيڪڏهن اهو ڪنهن ڪمرشل بئنڪ جو ڊائريڪٽر آهي سواءِ ان بئنڪ جي جيڪا حڪومت يا اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي اٿارٽي هيٺ اسپانسر يا قائم ڪئي وئي هجي، ملڪ ۾ صنعت يا زراعت جي ترقيءَ لاءِ يا بئنڪ جيڪا سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 تحت سوسائٽي رجسٽرڊ هجي يا وقتي طور پاڪستان ۾ لاڳو لاڳاپيل ڪوآپريٽو سوسائٽيز لاءِ ڪنهن قانون تحت رجسٽرڊ هجي؛
(d)جيڪڏهن اهو ڪنهن بئنڪ جي ملازمت ۾ آهي، پوءِ اهو پگهار تي هجي يا ڪميشن تي ۽ اهڙي بئنڪ لاءِ مسلسل ڪا ڪارڪردگي يا خدمت سرانجام ڏئي رهيو هجي؛
(3)ڊائريڪٽر جي آفيس خالي ڪرائي ويندي:
(a) آفيس رکندڙ عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ٿو يا فوت ٿي وڃي ٿو؛
(b)جيڪڏهن اهو آهي، يا ڪنهن بہ وقت تي نااهل قرار ڏنو وڃي ٿو؛
(c)جيڪڏهن اهو چريو قرار ڏنو وڃي ٿو يا ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو؛
(d)جيڪڏهن اهو بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهيو هجي يا اهڙين سمورين گڏجاڻين مان لڳاتار ڇهہ مهينن تائين، جيڪو بہ وڏيڪ هجي، بورڊ کان غير حاضري جي

موڪل ڪانسواءِ غير حاضر رهيو هجي؛
(e)جيڪڏهن اهو پنهنجو حق رکڻ کان ختم ٿي وڃي ٿو ته ان جي عهدي لاءِ چونڊجڻ لاءِ حصن جو مقصدار گهربل هوندو؛
(f)جيڪڏهن اهو ذيلي دفعه (2) ۾ ڄاڻايل نااهلين مان ڪا به رکي ٿو؛
(g)جيڪڏهن اهو بئنڪ جي گهٽ ۾ گهٽ پنجهتر سيڪڙو ايڪوئٽي/پيڊ اپ ڪيپيٽل جي ووٽ ذريعي پنهنجي عهدي تان هٽايو وڃي ٿو.

آساميون
Vacancies

15. (1) بورڊ ۾ ڪنهن فوتگي، استعيفيٰ، برطرفي يا ڪنهن ڊائريڪٽر جي نااهلي ذريعي ڪا آسامي ٿئي ٿي ته اها بچيل ڊائريڪٽرز طرفان پري ويندي، جيڪي آسامي کي پرڻ لاءِ مڪمل طور اهل ماڻهو کي مقرر ڪندا، بشرطيڪ جتي حڪومت طرفان مقرر ڪيل ڊائريڪٽر جي عهدي تي آسامي پيدا ٿئي ٿي ته اها آسامي حڪومت طرفان پري ويندي.

(2)اهڙيءَ ريت مقرر ڪيل ڪو ڊائريڪٽر اهڙيءَ تاريخ کان عهدو سنڀاليندي سمجهيو ويندو جنهن تاريخ کان اهو ڊائريڪٽر جنهن جي جاءِ تي اهو مقرر ڪيو ويو آهي، مقرر ڪيو ويو هيو يا جڏهن ڊائريڪٽر رکيو ويو هيو يا ذيلي دفعه (1) تحت مقرر ڪيو ويو هيو اهڙي تاريخ کان جنهن تاريخ کان سندس ڇڏيندڙ مقرر ڪيو ويو هيو جيئن معاملو هجي.

(3) ذيلي دفعه (1) تحت مقرر ڪيل ڪو به ڊائريڪٽر ايندڙ عام گڏجاڻيءَ ۾ ريٽائر ڪندو ۽ اهڙيءَ ريت بورڊ ۾ پيدا ٿيل آسامي هن ايڪٽ تحت بيان ڪيل چونڊن ۾ پري ويندي.

ساليانيون عام ۽

16. (1) ساليانيون گڏجاڻيون هيڊ آفيس ڪراچيءَ ۾ بيان

**خاص گڏجاڻيون**
**Annual General and Special Meetings**

ڪيل طريقي موجب ڪوٺايون وينديون، يا اهڙي ٻي جاءِ ۽ وقت تي جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو وڃي ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ موجود ڊائريڪٽرز يا شيئر هولڊرز ساليانې اڪائونٽ تي بحث لاءِ بااختيار هوندا، سڄي سال دوران بئنڪ جي ڪم بابت بورڊ جي رپورٽ ۽ ساليانې بيلنس شيٽ ۽ اڪائونٽس تي آڊيٽرس جي رپورٽ، مالي سال کان اڳ تيار ڪئي ويندي.

(2)خاص گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي طريقي ۽ اهري وقت تي ۽ اهڙي هنڌ تي ڪوٺايون وينديون، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**شيئر هولڊر جو ووٽ**
**Vote of shareholder**

17. (1) هر شيئر هولڊر ڪا بہ گڏجاڻي اٽينڊ ڪري سگهندو ۽ هر شيئر هولڊر جيڪو اهڙي عرصي لاءِ رجسٽرڊ آهي جيڪو ٻن مهينن کان گهٽ نہ هجي اهڙي گڏجاڻيءَ جي تاريخ کان اڳ ان کي هڪ ووٽ حاصل هوندو، ۽ پول واري ڏينهن اهڙيءَ ريت اهڙي عرصي لاءِ رجسٽرڊ هر شيئر هولڊر کي هر ڏهن شيئرز لاءِ هڪ ووٽ حاصل هوندو.

بشرطيڪ ڪنهن بہ شيئر هولڊر کي ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾ تيستائين ووٽ جو حق نہ هوندو جيستائين سموريون ڪالس يا ٻيون رقمون جيڪي بئنڪ جي شيئرز جي سلسلي ۾ سندس طرفان ادا نہ ڪيون ويون هجن.

(2)پول تي، ووٽ يا تي ذاتي طور ڏنو ويندو يا پروڪسي ذريعي، پر حڪومت شيئر هولڊر طور ڪنهن شخص کي ڪنهن عام گڏجاڻيءَ ۾ حاضريءَ لاءِ ۽ ان جي جاءِ تي ووٽ ڏيڻ لاءِ مقرر نہ ڪندي.

وھنوار جيڪو بئنڪ ڪرڻ لاءِ بااختيار آھي

Business which the Bank is authorized to transact

18. (1) ان ڪردار کان اضافي طور تي جيڪو مک بئنڪر/حڪومت جي ٽريزري کي ڪم ڪرڻ لاءِ ان کي سونپيو ويندو، بئنڪ سمورين قسم جي ڪمرشل بئنڪنگ ۽ سيڙپڪاري بئنڪنگ وھنوار پوري صوبي اندر ڪندي ۽ صوبي کان ٻاھر ڪنھن ٻي جڳھ تي يا پاڪستان کان ٻاھر وقتي طور لاڳو قانون تحت مجاز اختياري جي منظوري سان، بشمول پر ھيٺ ڄاڻايل مقصدن کان محدود نہ ھجڻ گھرجي:

(1)نجي سيونگز ۽ پبلڪ فنڊز کي پيداواري چينلز ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ متحرڪ ڪرڻ ۽ انھن جي دستيابي يقيني بڻائڻ؛

(2)صوبي ۾ نجي توڙي پبلڪ سيڪٽرز جي چست پائيواري ذريعي صنعتي، زرعي ۽ ٻين سوشو اڪنامڪ پروجيڪٽس کي ھٿي وٺرائڻ؛

(3)فنڊز جي استعمال ڪرڻ لاءِ وسيع ۽ جوڳو پورٽ فوليو ناھڻ ۽ انھن جي سيڙپڪاري موجوده توري نون وينچرز ۾ خاص طور تي ھاءِ ٽيڪ، ايگرو بيسڊ، ايڪسپورٽ اورينٽيڊ ۽ انجنيئرنگ پروجيڪٽس جو بنياد وجھڻ تہ جيئن وڌ کان وڌ ريٽرنز کي يقيني بڻائي سگھجي؛

(4)ملڪ جي ليڊنگ اسٽاڪ ايڪسچينجز ۾ مقامي وسيلن ذريعي وھنوار سان مک مارڪيٽ ۾ حصو وٺڻ ۽ شيئر حاصل ڪرڻ؛

(5)ڊپازٽ قبول ڪرڻ/وٺڻ ۽ روڪ ۽ گراھڪن جا ٻيا مختلف اڪائونٽس ڪسٽم، استعمال، مشق، قانونن تحت سنڀالڻ، پاڪستان ۾ ڪمرشل بئنڪس ھلائڻ؛

(6)ڪا رقم وجهڻ لاءِ قرض ۾ بيا اڪائونٽس کولڻ، هلائڻ، اوور ڊرافٽ ڪرڻ يا جڳهه، رقم يا سهولت اڌاري وٺڻ يا حاصل ڪرڻ، ڪنهن بئنڪ يا بئنڪن، فنانس/ڊسڪائونٽ هائوسز، مالياتي اداري پاڪستان ۾ يا ٻاهر سڪيورٽيز سان يا سڪيورٽيز ڪانسواءِ.

(7)ٻين بئنڪن يا مالياتي اداري سان پنهنجا فنڊز رکڻ ۽ ٻي بئنڪ ۽ مالياتي ادارن جا فنڊز قبول ڪرڻ ۽ صوبي اندر ۽ صوبي کان ٻاهر بئنڪن ۾ مقامي توڙي پاڪستان جي ڪنهن ٻه صوبي يا پرڏيهه ۾ پرڏيهي بئنڪن سان ايجنسي انتظام/نمائندگي جي لاڳاپن کي حتمي شڪل ڏيڻ.

(8)رقم کي هٿي وٺرائڻ ۽ اڌاري ڏيڻ، ۽ هيٺين جي سيڪيورٽي تي روڪ اڪائونٽس کولڻ:

(a)اسٽاڪس، فنڊز ۽ سڪيورٽيز جن ۾ ٽرسٽي سنڌ صوبي ۾ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت ٽرسٽ جي رقم سيڙائڻ لاءِ بااختيار آهي ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل شيئرز ۽ سڪيورٽيز.

(b)مقامي اٿارٽي يا ايجنسي طرفان يا جاءِ تي سنڌ صوبي ۾ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت حصو وٺڻ جي شرطن جا سرٽيفڪيٽس يا رقم جاري ڪرڻ لاءِ ٻيون سڪيورٽيز.

(c)شيون جيڪي، يا عنوان جا دستاويز جن ۾، جمع ڪئي وئي اهي، يا سونپي وئي آهي، بئنڪ سڪيورٽي اهڙن ايڊوانسز، قرضن يا ڪريڊٽس جي لاءِ.

(d)اهڙين هدايتن موجب جيڪي بورڊ طرفان جاري ڪيون وڃن، محدود ذميداري رکندڙ ڪمپنيز جو حصو وٺڻ جا شرطن وارا سرٽيفڪيٽس.

(e)محدود وسيلا رکندڙ ڪمپنيز جا شيئرز ان سلسلي ۾ اهڙين هدايتن موجب جيئن بورڊ طرفان بيان ڪيون ويون هجن؛

(f)شيون جيڪي اهڙن ايڊوانسز قرضن يا ڪريڊٽس لاءِ سيڪيورٽي طور جمع ٿيل آهن؛

(g)ايڪسچينج جا بلز قبول ڪرڻ ۽/يا وصول ڪندڙ طرفان لڳايل پروميزري نوٽيس ۽ جوائنٽ ۽ ڪيترائي پروميزري نوٽيس ٻن يا وڌيڪ ماڻهن يا فرمز جا جيڪي عام ڀائيواري ۾ هڪ ٻئي سان گڏيل نہ هجن؛

(h)ان سان لاڳاپيل عنوان جا غير متحرڪ ملڪيت جا دستاويز جيڪي اهڙين هدايتن تحت هجن جيڪي بورڊ طرفان جاري ڪيون ويون هجن؛ ۽

(i)فصل، جيڪي اهڙين هدايتن موجب هجن، جيڪي بورڊ طرفان جاري ڪيون ويون هجن.

بشرطيڪ ڪي بہ ايڊوانسز يا قرض جن جي گارنٽي حڪومت طرفان ڏني وئي هجي اهي بنا ڪنهن مخصوص سيڪيورٽي جي ڪيا ويندا.

(9)ڪن پروميزري نوٽس، ڀائيواري جي شرطن جي سرٽيفڪيٽس، اسٽاڪ رسيدن، بانڊز اينوئٽيز اسٽاڪس، رسيدن، بانڊز اينوئٽيز اسٽاڪس، شيئرز سڪيورٽيز يا شين جي سيل پروسيڊز جو وڪرو ۽ ريئلائيزيشن، جيڪي، يا عنوان جا دستاويز جن ۾، جمع ڪرايو ويو هجي، يا لڳايو ويو هجي، شامل ڪيو ويو هجي، سونپيو ويو هجي يا بئنڪ ۾ سڪيورٽي طور منتقل ڪيو ويو هجي ڪنهن ايڊوانسز قرضن يا ڪريڊٽس طور يا جيڪي بئنڪ طرفان رکيا ويا هجن يا جن تي بئنڪ کو لين يا چارج ڪنهن ايڊوانس يا قرضن يا

ڪريڊٽ يا ٻئي ڪنهن قرض يا بئنڪ جي دعوي تي رڪندي هجي، ۽ جيڪو شرطن ۽ ضابطن طور وقت تي واجب الادا نہ سمجهيو وڃي (جيڪڏهن ڪو هجي) اهڙي ڊپازٽ، پليج، هيپوٿيڪيشن، اسائنمينٽ يا منتقلي تي؛

(10)انهن جي چارج يا نظرداري ۾ اسٽيٽس جي سيڪيورٽي تي ڪورٽس آف وارڊز کي ايڊواز ڏيڻ يا رقم اڌاري ڏيڻ ۽ اهڙن ايڊوانسز يا قرضن تي ريئلائيزيشن ۾ ڪو وياج جيڪو ان سلسلي ۾ واجب الادا هجي؛

(11)بلز آف ايڪسچينج ۽ ٻين غور لائق سڪيورٽيز کي ڪيڊرائڻ، قبول ڪرڻ، رعايت ڏيڻ، خريد ڪرڻ ۽ وڪرو ڪرڻ؛

(12)بئنڪ جا فنڊز سيڙائڻ، يا ڪنهن اسٽاڪ، فنڊز، شيئرز، سڪيورٽيز، پائيواري جي شرطن جي سرٽيفڪيٽس، بانڊز يا رسيدن يا پبلڪ لميٽيڊ ڪمپني يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت قائم ڪيل ڪنهن ڪارپوريشن يا حڪومت جي اٿارٽي يا اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان ٻين سيڪيورٽيز لاءِ جاري ڪيل رقم، ساڳيءَ کي اهڙيءَ رقم ۾ تبديل ڪرڻ جڏهن گهربل هجي، ۽ تبديل ڪرڻ، ۽ اهڙي ڪنهن سيڙپڪاري کي اهڙي ٻي ڪنهن سيڙپڪاري ۾ منتقل ڪرڻ؛

(13)ليٽر آف ڪريڊٽ ۽/يا درآمد توڙي برآمد ۽ ٻين ٽرانزيڪشنز لاءِ گارنٽيز جاري ڪرڻ توڙي قبول ڪرڻ ۽ تصديق ڪرڻ؛

(14)پروميزري نوٽس، ڊبينچرز، بانڊز، ٽريزري بلز، ڪمپنيز جي شيئرز ۽ ٻين هر قسم جي سڪيورٽيز کي خريد

ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ، شامل ڪرڻ، جمع ڪرڻ، ضبط ڪرڻ، وڏائڻ، غور ڪرڻ، منتقل ڪرڻ ۽ ٻي صورت ۾ ڊيل ڪرڻ، بشمول گورنمينٽ سڪيورٽيز، ٽرسٽي سڪيورٽيز، ميونسپل بانڊز جي ۽ مڪ ۽ مارڪ اپ رقمون حاصل ڪرڻ ۽ ادا ڪرڻ؛

(15)حاصل ڪرڻ ۽ محفوظ ڪسٽڊي سڪيورٽيز ۾ رکڻ، يا ٻي غير متحرڪ ملڪيت جيڪا بہ هجي، بازياب ڪرائڻ ۽ ان جو قبضو وٺڻ ۽ سمورين زمينن، گهرن، عمارتن ۽ ٻي ضبط ڪيل ملڪيت جو انتظام ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ساڳيءَ جو انتظام ڪرڻ ۽ سمورين زمينن، گهرن، شين، مرچنڊائيز ۽ هر قسم جي ملڪيت تاهڻ، وڪرو ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ، پوءِ اها واقعي بئنڪ سان تعلق رکندي هجي يا ٽرسٽ ۾ هجي يا سڪيورٽي طور هجي، ۽ اهڙي ڪنهن بہ مقصد لاءِ سمورا اختيار ۽ اٿارٽيز استعمال ڪرڻ ۽ اهڙيون ڪارروايون ڪرڻ جيڪي بئنڪ ڪري يا ڪري سگهي ٿي؛

(16)سون ۽ چاندي خريد ڪرڻ ۽ وڪرو ڪرڻ پوءِ اهي سڪن ۾ هجن يا نہ هجن؛

(17)چارج يا زيورن جو پليج، ٽائيٽل ڊيڊز يا ٻين شين جي قبوليت اهڙين شرطن تي ٿيندي، جهڙين تي راضپو ڏيکاريو ويو هجي؛

(18)سموري ملڪيت پوءِ اها متحرڪ هجي يا غير متحرڪ ان جو انتظام، وڪرو ۽ ريئلائيزنگ جيڪا ڪنهن بہ صورت ۾ بئنڪ جي قبضي ۾ آئي هجي، مطمئن هئڻ ۾ يا ان جي ڪن بہ دعوائن جي مطمئن هئڻ جي حصي ۾، ۽ حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ، ۽ عام طور تي ڪنهن حق، عنوان يا ڪنهن متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت جي وياج جي ڊيلنگ ۾، پوءِ

اها ڪنهن ايڊوانس يا قرض يا اهڙي ڪنهن به سڪيورٽي سان لاڳاپيل بئنڪ جي سڪيورٽي هجي؛

(19)پرڏيهي ايجنسي وهنوار جي ڪميشن تي ڏي وٺ ۽ استثني، شوئرٽي شپ يا مخصوص سڪيورٽي سان گارنٽي جي نيڪن ۾ داخل ٿيڻ يا ٻي صورت ۾، ۽ انڊر رائيٽنگ، حصو ونڊ ۽ ڪنهن اسٽاڪ، شيئرز، حصو ونڊ جي شرطن جي سرٽيفڪيٽس ۽ ٻين سڪيورٽيز جي معاملن کي جاري رکڻ؛

(20)ڪنهن مقصد لاءِ ملڪيتن جو انتظام پوءِ اهو ايگزيڪيوٽر، ٽرسٽي طور هجي يا ڪنهن ٻي صورت ۾ ۽ هيٺين قسمن جي وهنوار ۾ ڪميشن تي ايجنٽس طور ڪم ڪرڻ، يعني:

(a)ڪنهن پبلڪ ڪمپني ۾ ڪن سڪيورٽيز ۽ شيئرز جو خريد ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ، منتقل ڪرڻ ۽ قبضي ۾ ونڊ، بشمول ان جي اڪائونٽ هولڊرز جي فرمز جي سيڙپڪاري جي؛

(b)پروسيڊز جو حاصل ڪرڻ پوءِ اهو مک هجي، وياج يا اٽجاٽايل، يا ڪن سيڙپڪارين، سڪيورٽيز يا شيئرز ۾ هجي؛ ۽

(c)اهڙن پروسيڊز جي پبلڪ يا پرائيويٽ بلز آف ايڪسچينج ذريعي واپسي، جيڪي ادائگي لائق هجن پاڪستان ۾ يا ٻئي هنڌ يا ٻئي ڪنهن طريقي.

(21)بلز آف ايڪسچينج ڪيڊرائڻ ۽ ليٽر آف ڪريڊٽ جاري ڪرڻ ۽/يا گارنٽيز جيڪي پاڪستان ۾ يا پاڪستان کان ٻاهر ادائگي لائق هجن؛

(22)پاڪستان ۾ يا ٻاهر ادائگي لائق بلز آف ايڪسچينج خريد ڪرڻ؛

(23)اسٽيٽ بئنڪ سان ڪنهن معاهدي تحت رقم، زيورن ۽ سڪيورٽيز جي خريداري، حاصل ڪرڻ، جمع ڪرڻ ۽ واپس ڪرڻ جيئن ان جو ايجنٽ حڪومت جي طرفان ڪو وهنوار ڪندو هجي يا ڏي وٺ ڪندو هجي جيڪو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان وقت بوقت ان کي سونپي؛

(24)شاخن ۽ ايجنسيز جو قيام ۽ ختم ڪرڻ؛

(25)بئنڪ جي رهائشي ۽ واپاري احاطن کي حاصل ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ منتقل ڪرڻ؛

(26)ڪيس ڪرڻ يا ڪيس ڏيڻ، شروع ڪرڻ، پراسيڪيوٽ ڪرڻ، جاري رکڻ ۽ دفاع ڪرڻ سمورن قدمن، ڪيسن يا قانوني ڪارروائين جو پوءِ اهي سول هجن، ڪرمنل يا روينيو بشمول اهڙين ڪارروائين جي جيڪي ڏيوالپڻي يا تعظيم يا ڪنهن شخص يا ڪمپني جي ختم ڪرڻ جي پيداوار يا قيام جي، سمجهوتي ڪرڻ يا ڪن دعوائن يا جهيڙي جي ثالثي لاءِ اماڻڻ، سوليسيٽرز ايڊووڪيٽس، پليڊرز لڳائڻ ۽ مقرر ڪرڻ ۽ پلينٽس صحيح ڪرڻ ۽ تصديق ڪرڻ، لکت بيان، اٿارٽي جا وارنٽس يا ٻيا ڪي ڪاغذ، لکتون يا دستاويز جيڪي ثاهڻ، صحيح ڪرڻ، عمل ڪرڻ، تصديق ڪرڻ، پيش ڪرڻ يا فائيل ڪرڻ ضروري يا لازمي هجن؛

(27)مک معاملن جي ڪنٽرولر يا ڪنهن ٻي اٿارٽي جنهن کي انشورنس بزنس کانسواءِ دائره اختيار هجي جيئن بئنڪنگ ڪمپنيز ايڪٽ، 1962 ۽ انشورنس ايڪٽ، 1938 ۾ بيان ڪيو ويو آهي، انهن طرفان اجازت ڏنل ڪا ٻي فنانس بزنس سيڙپڪاري جاري رکڻ؛

(28)مک معاملن جي ڪنٽرولر جي منظوري تحت يا

ڪنهن ٻي اٿارٽي جنهن کي دائره اختيار هجي هيٺين وهنوارن مان سمورا يا ڪو هڪ جاري رکڻ:

(i) ليزنگ جو وهنوار ڪرڻ ۽ هر قسم جي ملڪيت، پلانٽ، مشينري ۽ سامان وغيره جي ليزنگ؛ ۽

(ii) ٽرسٽ جوڙڻ ۽ مودرباز جاري ڪرڻ جي نظر ۾ ڪنهن ڊيبز جي ٽرسٽي طور عمل ڪرڻ؛

(29) حڪومت جي منظوري سان واپار کي تحويل ۾ وٺڻ، بشمول ڪنهن ٻي بئنڪ يا مالياتي ادارن جي اثاثن ۽ ذميدارين جي؛

(30) ڪنهن ٻي بئنڪ کي ايڊوانس يا قرض جاري ڪرڻ؛

(31) حڪومت ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي لکت اڳواٽ اجازت سان:

(a) بئنڪ جا فنڊز پاڪستان ۾ يا پاڪستان کان ٻاهر ڪنهن بئنڪ ۾ سيڙائڻ؛

(b) اهڙي ڪنهن بئنڪ جي مئنيجمينٽ ۽ ايڊمنسٽريشن ۾ حصو وٺڻ، جنهن ۾ بئنڪ فنڊز سيڙايا هجن؛

(32) بنا وياج بنيادن تي رقم ايڊوانس وٺڻ، فنانسنگ جي مختلف طريقن موجب جيڪي وقت بوقت اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان منظور ڪيا ويا هجن؛

(33) عام طور تي اهڙن سمورن معاملن ۽ شين جو ڪرڻ جيڪي مختلف قسمن جي وهنوار جي ڏي وٺ سان لاڳاپيل يا انهن جهڙا هجن بشمول سمورن پرڏيهي ايڪسچينج بزنس جي؛ ۽

(34) ٻيو ڪمرشل يا سيڙپڪاري بئنڪنگ واپار جاري

رکڻ جيڪو مٿي بيان نہ ڪيو ويو هجي، جنهن جي قانون موجب اجازت هجي.

وهنوار جيڪو بئنڪ ڪرڻ لاءِ بااختيار ناهي
Business which the Bank is not authorized to transact

19. (1) بئنڪ پنهنجي شيئرز جي سيڪيورٽي تي ڪو بہ ايڊوانس يا قرض نہ ڪڍندي؛

(2)بئنڪ ڪنهن رقم تي رعايت نہ ڏيندي يا خريد نہ ڪندي يا ايڊوانس نہ وٺندي يا اڌارو نہ ڏيندي جيڪا رقم هڪ وقت بيان ڪيل رقم کان وڌيڪ هجي؛

(3)بئنڪ رعايت نہ ڏيندي يا خريد نہ ڪندي يا ايڊوانس نہ وٺندي يا اڌار نہ ڏيندي يا ڪنهن فرد يا پارٽنرشپ فرم جي ڳالهين لائق ڪنهن دستاويز جي سڪيورٽي تي ڪيش ڪريڊٽس نہ کوليندي، جيڪو ٽائون ۾ واجب الادا هجي يا اهڙي جڳهہ تي پوءِ اهو رعايت لاءِ پيش ڪيو ويو هجي، جيڪو ان تي ڪيترين ئي ذميدارين کي جاري نہ رکي سگهي گهٽ ۾ گهٽ ٻن ماڻهن يا فرمز جي جيڪي عام پائيواري ۾ هڪ ٻئي سان جڙيل نہ هجن؛

(4)بئنڪ ڪنهن بہ شخص کي جيڪو ڊائريڪٽر طور چونڊيو ويو هجي يا مقرر ڪيو ويو هجي ۽ جيترو وقت اهو عهدو جاري رکندو ان کي ڪو ايڊوانس، قرض، ڪريڊٽ لمٽ، گارنٽي يا ٻيون سهولتون نہ ڏيندي، يا ان جي فائدي ۾ ڪنهن ايڊوانس، قرض، ڪريڊٽ لمٽ، گارنٽي يا ٻي سهولت جا شرط ۽ ضابطا ان جي ڊائريڪٽر طور چونڊجڻ يا مقرر ٿيڻ کان اڳ تبديل نہ ڪندي؛

بشرطيڪ هن شق ۾ ڪجهہ بہ بئنڪ کي اهڙو ڪو ايڊوانس، قرض، ڪريڊٽ لمٽ، گارنٽي يا ٻيون سهولتون جاري رکڻ يا ري نيو ڪرڻ کان نہ روڪيندي جيڪي اهڙي شخص

جي ڊائريڪٽر طور چونڊجڻ يا مقرر ٿيڻ کان اڳ ڪيس ڏنيون ويون هجن.

| | |
|---|---|
| چوٽ<br>Exceptions | 20. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، بئنڪ بااختيار آهي ته: |

(1)پنهنجي عملدارن ۽ عملي کي رهائشي گهر تعمير ڪرڻ جي مقصد لاءِ گرانٽ يا ايڊوانس قرض ڏيڻ، بشمول زمين جي قيمت جي، اهڙي سڪيورٽي تي، بشمول غير متحرڪ ملڪيت جي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت ۽ اهڙن عرصن لاءِ جيئن عام طور تي طئي ڪيو وڃي يا بورڊ طرفان خاص ڪيس ۾ طئي ڪيو وڃي؛

(2)ڪنهن عرصي لاءِ جيڪو هڪ سال کان وڌيڪ هجي پر ڏهه سالن کان وڌيڪ نه هجي اهڙين نندين ۽ وچولين صنعتن کي گرانٽ يا ايڊوانس قرض ڏيڻ جيڪي وقت بوقت بورڊ طرفان بيان ڪيون ويون هجن اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن ان طرفان طئي ڪيو ويو هجي؛

بشرطيڪ ايڊوانسز ۽ قرضن جي رقم جيڪا ڪنهن به وقت هن شق تحت وڌيڪ هجي اها اهڙي وقت تي بئنڪ ڊپازٽس جي ڪل رقم کان ويهه سيڪڙو وڌيڪ نه هوندي؛

(3)گرانٽ يا رعايت وقت بوقت پينشنز گريچوئٽيز بونسز يا ان جي عملدارن ۽ عملي يا انهن جي ڀاڙيندڙن جي فائدي لاءِ ٻين فنڊز مان؛

(4)بئنڪنگ ۽ لاڳاپيل مضمونن ۾ تحقيق جي واڌاري ۾ حصو وٺڻ؛ ۽

(5)ڪن خيراتي مقصدن يا ڪن خيراتي ادارن يا سوسائٽيز لاءِ فنڊز عطيو ڪرڻ.

**آڊيٽرز**
**Auditors**

21. (1) آڊيٽرز جيڪي ٻن ڪان وڌيڪ نہ هوندا جيڪي چارٽرڊ اڪائونٽنٽس وٽ رجسٽرڊ هوندا اهي چونڊيا ويندا ۽ انهن جو معاوضو عام گڏجاڻيءَ ۾ طئي ڪيو ويندو.

(2) آڊيٽرز شيئر هولڊرز هوندا پر ڪو بہ ڊائريڪٽر يا بئنڪ جو ٻيو عملدار پنهنجي عهدي دوران آڊيٽر طور مقرريءَ لاءِ اهل نہ هوندو.

(3) ڪو بہ آڊيٽر عهدو ڇڏڻ تي ٻيهر چونڊجڻ لاءِ اهل هوندو.

(4) بئنڪ جا پهريان آڊيٽرز بورڊ جي عام گڏجاڻيءَ کان اڳ مقرر ڪيا ويندا ۽ انهن جو معاوضو طئي ڪيو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت مقرر ڪيل آڊيٽرز پهرين گڏجاڻيءَ تائين عهدو رکي سگهندا. هن دفعہ تحت چونڊيل سمورا آڊيٽرز انهن جي چونڊجڻ کانپوءِ پهرين عام گڏجاڻيءَ تائين آڊيٽر طور ڪم جاري رکندا؛

بشرطيڪ جيڪڏهن هن دفعہ تحت چونڊيل ڪنهن آڊيٽر جي عهدي تي ڪا عارضي آسامي پيدا ٿئي ٿي تہ اها آسامي بورڊ طرفان پري ويندي؛

**ٻيا آڊيٽرز**
**Other auditors**

22. سخت عالمي ضابطي کي يقيني بڻائڻ لاءِ بئنڪ پنهنجو اندروني آڊٽ ڊپارٽمينٽ جوڙيندي جيڪو سڌيءَ ريت بيان ڪيل طريقي موجب بورڊ کي جوابده هوندو ۽ جيترو وقت حڪومت اڪثريت ۾ شيئر هولڊر آهي اها آزاد پبلڪ آڊيٽرز پڻ مقرر ڪندي، جڏهن اها ضروري سمجهي.

**آڊيٽرز جا حق ۽**

23. (1) هر آڊيٽر کي سالياني بيلنس شيٽ ۽ اڪائونٽس

| | |
|---|---|
| جي فائدي ۽ نقصان جي اسٽيٽمينٽ جي نقل فراهم ڪئي ويندي ۽ ان جي ان سلسلي ۾ اڪائونٽس ۽ ان سان لاڳاپيل ووچرز ذريعي جاچ ڪرڻ سندس ذميداري هوندي. | ذميداريون Rights and duties of Auditors |
| (2)آڊيٽرز شيئرهولڊرز ۽ حڪومت کي، جيئن معاملو هجي رپورٽ پيش ڪندا، ساليانو بيلنس شيٽ تي ۽ اڪائونٽس جي فائدي ۽ نقصان جي اسٽيٽمينٽ تي ۽ اهڙي هر رپورٽ ۾ اهي پنهنجو خيال بيان ڪندا تہ بيلنس شيٽ ۽ اڪائونٽس جي فائدي ۽ نقصان جو اسٽيٽمينٽ مڪمل ۽ شفاف اسٽيٽمينٽ آهن، جن ۾ بيان ڪيل تفصيل شامل آهن ۽ بئنڪ جي معاملن جي حالت سچي ۽ درست بيان ڪيل آهي. شيئر هولڊرز کي پيش ڪيل اهڙي ڪا بہ رپورٽ بورڊ جي رپورٽ سان گڏ عام گڏجاڻيءَ ۾ پڙهي ويندي. | |
| 24. بورڊ جا اختيار ۽ ذميداريون | بورڊ جا اختيار ۽ ذميداريون Powers and duties of the Board |
| (a)عام مئنيجمينٽ جو اختيار | |
| بئنڪ جو وهنوار بورڊ طرفان سنڀاليو ويندو، جيڪو بئنڪ کي هٿي وٺرائڻ ۽ قائم ڪرڻ ۾ سمورا خرچ ادا ڪندو ۽ بئنڪ جا سمورا اهڙا اختيار استعمال ڪندو جيڪي هن ايڪٽ تحت بئنڪ طرفان استعمال ڪرڻ لاءِ گهربل نہ هجن. | |
| (b)خاص اختيار | |
| مٿي ڄاڻايل گنجائشن تحت ڏنل عام اختيارن سان تضاد ڪانسواءِ ۽ هن ايڪٽ تحت ڪن ٻين اختيارن يا اٿارٽيز سان تضاد ڪانسواءِ بورڊ تي اهو ڪليل طريقي واضح ڪيل آهي تہ بورڊ کي هيٺيان اختيار هوندا، جيڪي هن ريت هوندا: | |
| (i)بنيادي خرچ ادا ڪرڻ | |

بئنڪ کي هٿي ونرائڻ، جوڙجڪ، قيام ۽ رجسٽريشن تي بنيادي طور ۽ لاڳاپيل قيمت، چارجز ۽ خرچ ادا ڪرڻ.

(ii) ملڪيت ۽ حق حاصل ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ

بئنڪ لاءِ ڪا ملڪيت، حق يا مراعتون خريد ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ حاصل ڪرڻ جيڪي بئنڪ اهڙي قيمت ۽ عام شرطن ۽ ضابطن تحت حاصل ڪرڻ لاءِ بااختيار آهي، جيئن اها مناسب سمجهي، ۽ وڪرو ڪرڻ، ڇڏڻ، متائڻ يا ٻي صورت ۾ واقعي يا شرطيه طور تي مڪمل يا ملڪيت جو ڪو حصو نيڪال ڪرڻ، مراعتون ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي بئنڪ جو حلف، ۽ اهڙي غور لاءِ جيئن اها مناسب سمجهي، يا اماڻڻ، ڪو رليف ڏيڻ يا ڪنهن شخص، بئنڪ يا ايجنسي طرفان ڪنهن رهيل قرض جي ٻيهر ادائگي لاءِ اضافي وقت ڏيڻ.

(iii) شيئرز سڪيورٽيز قرض هيٺ ملڪيتن لاءِ ادا ڪرڻ

پنهنجي صوابديد تي ڪنهن ملڪيت، حقن يا حاصل ڪيل مراعتن يا بئنڪ کي پيش ڪيل خدمتن پوءِ اهي مڪمل طور هجن يا عارضي طور روڪ رقم ۾ يا شيئرز، بانڊز، ڊبينچرز، حصو ونڊ جي شرطن جي سرٽيفڪيٽس، يا ڪنهن واپسي لائق سرمائي يا بئنڪ جي ٻي ڪنهن سڪيورٽيز لاءِ ادا ڪرڻ ۽ اهڙا شيئرز جاري ڪيا ويندا پوءِ اهي مڪمل طور پيڊ اپ هجن يا اهڙي رقم جمع ڪرائڻ سان جيئن ان سلسلي ۾ پيڊ اپ ڪيو ويو هجي جيئن انهن تي رضامندي ظاهر ڪئي وئي هجي؛ ۽ ڪي اهڙا بانڊز، ڊبينچرز، حصو ونڊ جي شرطن جا سرٽيفڪيٽ، يا ڪا واپسي لائق رقم يا سڪيورٽيز پوءِ انهن تي خاص طور تي سموري يا ڪنهن بئنڪ جي ملڪيت جي ڪنهن حصي تي وصولي ڪئي وڃي.

(iv)بل پرڻ

ناهڻ، ڪيرائڻ، جاري ڪرڻ، صحيح ڪرڻ، قبول ڪرڻ، ڳالهيون ڪرڻ ۽ سمورا چيڪ، بلز آف ليڊنگ، ڊرافٽس، آرڊرز، مٽا سٽا جا بل، حصو وٺڻ جي شرطن جا سرٽيفڪيٽس، مشرڪ سرٽيفڪيٽس، ٽرم فنانس سرٽيفڪيٽس،گورنمينٽ آف پاڪستان ۽ ٻيا پروميزري نوٽس ۽ ڳالهين لاءِ دستاويز يا ٻيا واپسي لائق مڪ دستاويز جيڪي بئنڪ جي وهنوار لاءِ گهربل هجن.

(v)ضبطگين ذريعي ڪانٽريڪٽ کي محفوظ بڻائڻ

ڪن ڪانٽريڪٽس، معاهدن يا مصروفيتن ۾ بئنڪ طرفان ضبطگين ذريعي داخل ٿيڻ کان محفوظ بڻائڻ يا سموري يا بئنڪ جي ملڪيت جي ڪنهن حصي تي چارج لڳائڻ يا اهڙي طريقي جيئن اها مناسب سمجهي.

(vi)عملدار مقرر ڪرڻ

اهڙا ايجنٽس، مئنيجرز، صلاحڪار، سيڪريٽريز، عملدار، ڪلرڪس ۽ ملازم مستقل، عارضي يا خاص خدمتن لاءِ مقرر ڪرڻ ۽ ان جي صوابديد تي هٽائڻ يا معطل ڪرڻ جيئن اها وقت بوقت مناسب سمجهي ۽ انهن جا اختيار ۽ ذميداريون ۽ پگهارون يا معاوضا طئي ڪرڻ ۽ سڪيورٽي اهڙن واقعن ۾ طلب ڪرڻ ۽ اهڙي مقدار ۾ جيئن اها مناسب سمجهي.

(vii) ٽرسٽيز مقرر ڪرڻ

ڪو شخص يا شخصيتون مقرر ڪرڻ (پوءِ اهي شامل هجن يا نه) قبول ڪرڻ لاءِ ۽ بئنڪ لاءِ ٽرسٽ ۾ رکڻ ڪا ملڪيت جيڪا بئنڪ سان لاڳاپيل هجي يا جنهن ۾ اها

دلچسپي رڪنڌڙ هجي يا ڪن ٻين مقصدن لاءِ ۽ اهڙا سمورا ڪم، دستاويز ۽ شيون تيار ڪرڻ ۽ ڪرڻ جيئن اهڙي ڪنهن ٽرسٽ لاءِ گهربل هجن ۽ اهڙي ٽرسٽي يا ٽرسٽيز لاءِ معاوضو فراهم ڪرڻ.

(viii) قانوني قدم کڻڻ ۽ دفاع ڪرڻ

هر قسم جي قانوني ڪارروائين ڪي آڻڻ ۽ دفاع ڪرڻ ۽ اماڻڻ، ڪو رليف ڏيڻ يا ڪنهن شخص ڏانهن ڪنهن قرض جي ادائگي لاءِ وقت ۾ واڌارو ڏيڻ.

(ix) ثيا ڪڙي لاءِ اماڻڻ

بئنڪ طرفان يا بئنڪ خلاف ڪن دعوائن يا مطالبن ڪي ثيا ڪڙي لاءِ اماڻڻ ۽ مشاهدو ڪرڻ ۽ ايوارڊ ڏيڻ.

(x) رسيد

بئنڪ ڪي ادائگي لائق رقم ۽ بئنڪ جي دعوائن ۽ مطالبن لاءِ رسيدون، رليزز ۽ ٻيون ڊسچارجز ناهڻ ۽ ڏيڻ.

(xi) قرضي ۽ ڏيوالو نڪتلن جي معاملن ۾ قدم کڻڻ

بئنڪ طرفان قرضين ۽ ڏيوالو نڪتلن جي سمورن معاملن ۾ قدم کڻڻ.

(xii) قبوليت وغيره لاءِ بااختيار بڻائڻ

اهو طئي ڪرڻ تہ ڪير بئنڪ طرفان بلن، نوٽس، رسيدن، قبوليت، تصديق، چيڪن، جاري ڪرڻ، ٺيڪن ۽ دستاويزن لاءِ بااختيار هوندو.

(xiii) اٽارنيز مقرر ڪرڻ

وقت بوقت بئنڪ جي معاملن جي انتظام لاءِ صوبي سنڌ جي مختلف حصن ۾ اهڙيءَ ريت جيئن اهي مناسب سمجهن ۽ خاص طور تي برانچ آفيسون قائم ڪرڻ ۽ ڪن ماڻهن ڪي

اٿارنيز يا بئنڪ جي ايجنٽ طور مقرر ڪرڻ پوءِ اهي سنڌ صوبي جي مختلف حصن ۾ هجن يا ٻاهر ۽ اهڙيءَ ريت جيئن اهي مناسب سمجهن. اهڙن اختيارن سان جيڪي اهي منتقل ڪن ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن اهي مناسب سمجهن.

(xiv)رقم سيڙائڻ

بئنڪ جي اهڙي اضافي رقم جيڪا جنهن مقصد لاءِ رکي وئي هجي ان لاءِ فوري طور گهربل نہ هجي اها اهڙين سيڪيورٽيز (جن جو بئنڪ ۾ شيئر نہ هجي) انهن ۾ سيڙائڻ ۽ ڊيل ڪرڻ ۽ اهڙي طريقي جيئن اها مناسب سمجهي ۽ وقت بوقت اهڙي سيڙپڪاري کي تبديل ڪرڻ ۽ ريئلائيز ڪرڻ.

(xv)چوٽ ذريعي سڪيورٽي ڏيڻ

هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب بئنڪ طرفان ڪنهن ڊائريڪٽر يا ٻئي ڪنهن شخص جي نالي تي جنهن کي بئنڪ جي فائدن لاءِ ڪا ذاتي ذميداري هجي يا ٽيڻي هجي جهڙوڪ بئنڪ جي ملڪيت جي ضبطگي (حال ۽ مستقبل) لاءِ ڪم ڪرڻ جيئن اهي مناسب سمجهن. ۽ اهڙي ڪا ضبطگي جيڪا وڪري جو اختيار رکي ۽ اهڙا ٻيا اختيار، معاهدا ۽ گنجائشون جن تي گڏيل راضپو هجي.

(xvi) پرسنٽيج ڏيڻ

بئنڪ طرفان ملازمت تي رکيل ڪنهن شخص کي ڪنهن خاص قسم جي واپار يا وهنوار يا بئنڪ جي عام منافعن ۾ حصي تي فائدن تي ڪميشن ڏيڻ ۽ اهڙي ڪميشن يا فائدي جو حصو بئنڪ جي ڪم جي خرچن جو حصو سمجهيو ويندو.

(xvii)باءِ لاز ناھڻ

بئنڪ جي وھنوار جي ھلائڻ لاءِ وقت بوقت باءِ لاز ان جي عملدارن، ملازمن، عملي ۽ صلاحڪارن جا شرط ۽ ضابطا ناھڻ، تبديل ڪرڻ ۽ منسوخ ڪرڻ.

(xviii)ادائگي حاصل ڪرڻ

ڪن ماڻھن، فرمز يا ڪمپنيز (مڪمل طور بشمول بئنڪ جي ڪنھن ميمبر) ڪان بئنڪ جي وھنوار جي مقصد لاءِ ڪا رقم اڌاري وٺڻ يا ادائگي حاصل ڪرڻ يا ڪي رقمون اڌار وٺڻ يا حاصل ڪرڻ ۽ اھڙي رقم يا رقمون انھن کي اڌار ڏئي سگھي ٿي.

(xix)سيڪيورٽي جاري ڪرڻ

اھڙي رقم يا رقمن جي اھڙي طريقي ۽ اھڙن شرطن ۽ ضابطن تحت سمورن معاملن ۾ ادائگي حاصل ڪرڻ جيئن اھي مناسب سمجھن، ۽ خاص طور تي ڊبينچرز، واپسي لائق رقم يا ڪنھن ضبطگي چارج، قرض يا ٻي سڪيورٽي بئنڪ جي سموري ملڪيت يا ڪجھ حصي تي (ٻنهي حال ۽ مستقبل) ۾ حاصل ڪرڻ.

(xx) ڪانٽريڪٽ ڪرڻ

اھڙين سمورين ڳالھين ۽ ڪانٽريڪٽس ۾ داخل ٿيڻ ۽ اھڙا سمورا ڪانٽريڪٽس ختم ڪرڻ ۽ تبديل ڪرڻ ۽ جاري رکڻ ۽ اھڙا سمورا قدم کڻڻ، عمل ڪرڻ ۽ بئنڪ جي نالي تي شيون ڪرڻ جيئن مٿي ڄاڻايل معاملن مان ڪنھن بہ معاملي لاءِ ضروري ھجن يا ٻي صورت ۾ بئنڪ جي مقصد لاءِ لازمي ھجن.

(xxi)خيراتي مقصد قائم ڪرڻ ۽ سهڪار ڪرڻ

کن خيراتي يا عوامي ڪمن کي قائم ڪرڻ، سنڀالڻ، سهڪار ڪرڻ ۾ حصو وٺڻ ۾ ڪو ادارو سوسائٽي يا ڪلب جيڪو بئنڪ يا ان جي ملازمن جي مفاد لاءِ هجي، يا اهڙي ڪنهن ٽائون يا جڳهه سان جڙيل هجي جتي بئنڪ وهنوار ڪندي هجي يا پينشنز گريجوٽيز يا خيراتي مدد ڪنهن شخص کي ڏيڻ يا شخص جنهن بئنڪ جي خدمت ڪئي هجي يا گهروارين، ٻارن، يا ڀاڙيندڙ اهڙي شخص يا شخصيتن جي، جيڪو ڊائريڪٽر سامهون پيش ٿئي، عام طور يا خاص طور، پوءِ اهڙو ڪو شخص، ان جي بيواهه ٻار يا ڀاڙيندڙن کي بئنڪ تي ڪا قانوني دعويٰ هجي يا نه هجي.

(xxii) پرووڊنٽ فنڊ لاءِ منافعا پاسي تي رکڻ

هن ايڪٽ جي گنجائش موجب بئنڪ جي فائدن جو مخصوص حصو فنڊ قائم ڪرڻ لاءِ پاسي تي رکيو ويندو جيئن پينشنز گريجوٽيز يا معاوضو ادا ڪري سگهجي، يا ڪو پرووڊنٽ يا بينيفٽ فنڊ اهڙي طريقي يا ڪنهن ٻئي طريقي قائم ڪري سگهجي جيئن بورڊ مناسب سمجهي.

(xxiii) اختيارن جي منتقلي

هن ايڪٽ تحت فراهم ڪيل پابندين موجب، ان کي سونپيل سمورا/ڪي به اختيار اهڙن مينيجرز عملدارن، ماڻهن، ڪميٽيز يا ڪارپوريٽ باڊيز کي منتقل ڪرڻ جيئن اها وقت بوقت مناسب سمجهي.

ٻاءِ لاز ٺاهڻ لاءِ بورڊ جا اختيار
Powers of the Board to make

25. (1) بورڊ شيئر هولڊرز جي اڳواٽ منظوري سان ٻاءِ لاز جوڙي سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ سان ٽڪراءَ ۾ نه هجن، جيڪي سمورن معاملن لاءِ فراهم ڪن جن لاءِ گنجائش ضروري هجي، هن ايڪٽ جي گنجائشن کي

bye laws

موثر ہٹائڻ جي مقصد لاءِ ضروري هجي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ, اهڙا باءِ لاز هيٺين سمورن يا ڪن معاملن لاءِ فراهم ڪن ٿا, يعني:

(i)ڪل رقمون جيڪي ايڊوانس يا اڌار ڏنيون ويون هجن, يا بل جن تي رعايت ڏني وئي هجي يا ڪنهن فرد, پارٽنرشپ فرم, شيئرز ذريعي لميٽيڊ فرم يا ڪارپوريٽ باڊي سڪيورٽي ساڻ يا سڪيورٽي ڪانسواءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن بورڊ طئي ڪري.

(ii)شرط جن تحت عملدارن يا بئنڪ جي ٻئي عملي کي قرض ايڊوانسز ڏنا وڃن يا اهڙن عملدارن جي مائٽن, يا ٻئي عملي يا ڪمپنيز, فرم يا فردن جن سان اهڙا ڊائريڪٽرز, عملدار يا ٻيو عملو يا مائٽ ڀائيوارن, ڊائريڪٽرز, مئنيجرز, ملازمن, شيئرهولڊرز يا ٻي صورت ۾ جڙيل آهن;

(iii)طريقو ۽ شرط ۽ ضابطن جن تحت بئنڪ ڪاروبار سنڀالي سگهي ٿي, بشمول ڪيپيٽل, اثاثن ۽ ذميدارين جي, ڪنهن ٻي بئنڪ, مودربا, ليزنگ ڪمپني يا سيڙپڪاري بئنڪ جي;

(iv) ڪنهن ٻي بئنڪ يا مالياتي ادارن کي ختم ٿيڻ کان ٽارڻ يا سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ ايڊوانسز يا قرض ڏيڻ;

(v)طريقيڪار ۽ انداز جنهن تحت بئنڪ جو ڪيپيٽل وڌي سگهي ٿو يا گهٽجي سگهي ٿو;

(vi)بئنڪ جي رهائشي ۽ ڪاروباري احاطي جي حاصلات, مرمت ۽ منتقلي;

(vii)شيئر هولڊرز جي رجسٽر جا تفصيل, مرمت, جاچ ۽ بند ڪرڻ;

(viii)بوڪس ۾ اڪائونٽس بئنڪ جي مختلف آفيسن ۾ رکيا ويندا؛

(ix)اڪائونٽس جي بيلنسنگ ۾ منافعي ۾ نقصان جو پتو لڳائڻ؛

(x)طريقو ۾ انداز جنهن ۾ بيلنس شيٽ ۾ منافعي ۾ نقصان جا بيان لکيا ويندا؛

(xi)منافعو طئي ڪرڻ ۾ ادائگي ڪرڻ ۾ منافعن جي ذخيرن ڏانهن منتقلي؛

(xii)جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيز ۾ گورنمينٽ جي رجسٽر تي ريٽرنز جي تياري ۾ جوڙجڪ؛

(xiii) واضح قدر، طريقو جاري ڪرڻ ۾ شيئرز جي سرٽيفڪيٽ کي نئون ڪرڻ؛

(xiv)شيئرز تي ڪالز اهرين ڪالز تي ادائگي، اهڙين ڪالز جي سلسلي ۾ شيئرهولڊرز جون گڏيل ۾ ڪيتريون ئي ذميداريون، شيئرز تي بئنڪ جو قرض، ان جي لاڳو ڪرڻ، ضبطگي ۾ وڪرو جي پروسيڊز جي لاڳو ٿيڻ جو طريقو؛

(xv)طريقو جنهن ۾ ۾ شرط جنهن تحت شيئرز الاٽ ڪيا، رکيا، منتقل ڪيا ۾ جوڙيا ويندا ۾ عام طور تي شيئر هولڊرز جي حقن ۾ ذميدارين سان لاڳاپيل سمورا معاملا هلايا ويندا؛

(xvi)طريقو جنهن تحت عام ۾ خاص گڏجاڻي ڪوٺائي ۾ منعقد ڪئي ويندي، ان جو ڪورم، اهڙين گڏجاڻين جو طريقيڪار، طريقو جنهن موجب ووٽ ڏنا ويندا ۾ اهڙين گڏجاڻين جي چيئرمين جي مقرري ۾ چونڊ؛

(xvii)هن ايڪٽ تحت چونڊون منعقد ڪرڻ ۾ ڪرائڻ؛

(xviii)شڪ جي بنياد تي حتمي فيصلا ۾ اميدوارن جي

اهليت بابت انگ اکر يا چونڊن جي درستي؛
(xix)طريقو جنهن تحت بورڊ جون گڏجاڻيون ڪوٺايون ۽ منعقد ڪيون وينديون، ڪورم، اهڙين گڏجاڻين جو طريقيڪار، ڊائريڪٽرز ۽ ايڪس آفيس ميمبرز جا ووٽس ۽ طريقو جنهن تحت اهي ڏناويندا ۽ بورڊ جي چيئرمين جي مقرري يا/۽ چونڊ؛
(xx)بورڊ ۾ آسامين جو اثر ۽ ان ڪانپوءِ ڊائريڪٽر جي نااهلي جو انڪشاف؛
(xxi)ڊائريڪٽرز جون ذميداريون ۽ استثنيٰ؛
(xxii)ڊائريڪٽرز ۾ ڪم جي ورهاست ۽ انهن جو معاوضو جيڪڏهن ڪو هجي؛
(xxiii)سنڌ ۾ يا ٻئي هنڌ برانچز ۽ ايجنسيز جو قيام ۽ ختم ٿيڻ ۽ ڪنهن برانچ يا ايجنسي جي ڪم جو قسم ۽ مقدار جيڪو اهي وهنوار ڪن؛
(xxiv)قانوني ڪارروايون ڪرڻ، داخلا ۽ دفاع ڪرڻ ۽ پليڊنگز سائن ڪرڻ جو طريقيڪار؛
(xxv)شيئر هولڊرز جا پتا ۽ نوٽيس جاري ڪرڻ ۽ پهچائڻ؛
(xxvi)بئنڪ کي نوٽيس پهچائڻ؛ ۽
(xxvii)عام طور تي، موثر انداز ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ، ڪمن جي نيڪال ۽ بئنڪ جي انتظامن لاءِ.

**بئنڪ جو معاوضو Liquidation of the Bank**

26. ڪمپنيز آرڊيننس، 1984 ۾ شامل ڪجهه به بئنڪ تي لاڳو نه ٿيندو جيستائين خاص طور تي ان سلسلي ۾ فراهم نه ڪيو وڃي ۽ بئنڪ حڪومت ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي طرفان ختم نه ڪئي ويندي ۽ اهڙي طريقي ۽ اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت بشمول ڪالز جي شرطن ۽

شيئرز جي ضبطگي، جيئن حڪومت ان جي ختم ڪرڻ جي حڪم ۾ هدايت ڪري.

استثنيٰ
Indemnity

27. بئنڪ، چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا بئنڪ جي ڪنهن ٻئي عملدار يا حڪومت خلاف ڪو به مقدمو، ڪيس يا قانوني ڪارروائي نه ٿيندي جيڪڏهن هن ايڪٽ يا ان تحت جوڙيل باءِ لاز تحت سٺي نيت سان ڪجهه ڪيو ويو هجي يا ڪجهه ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو هجي.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**